SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1991
SINDH ORDINANCE NO.I OF 1991

ڪينال ۽ ڊرينيج (روهڙي ڪينال ايراضي جو واڌارو) آرڊيننس، 1991
THE CANAL AND DRAINAGE (EXTENSION TO ROHRI CANAL AREA) ORDINANCE, 1991

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1873 جي ايڪٽ VIII جي روهڙي ڪينال ايراضين تائين واڌارو
Extension of Act VIII of 1873 to Rohri Canal areas
3. 1879 جي سنڌ ايڪٽ VII جو لاڳو نه ٿيڻ
Sindh Act of 1879 not to apply

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1991
SINDH ORDINANCE NO.I

OF 1991

ڪينال ۽ درينيج (روهڙي ڪينال ايراضي جو واڌارو) آرڊيننس، 1991

THE CANAL AND DRAINAGE (EXTENSION TO ROHRI CANAL AREA) ORDINANCE, 1991

[21 جنوري 1991]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي 1873 جي ڪينال ۽ درينج ايڪٽ ۾ واڌارو ڪيو ويندو ته جيئن روهڙي ڪينال جي ڪجهه آبپاشي واري ايراضين تي لاڳو ڪري سگهجي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اهو ضروري ٿي پيو آهي ته 1873 جي ڪينال ۽ درينج ايڪٽ ۾ واڌارو ڪيو ويندو ته جيئن روهڙي ڪينال جي ڪجهه آبپاشي وارين ايراضين تي ان کي لاڳو ڪري سگهجي؛

هن کي هن طرح عمل ۾ آڻي سگهجي ٿو:

جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نه رهيو آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته جيئن موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

تنهنڪري هاڻي، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) جي تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي گورنر سنڌ هيٺ جاڻايل آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪينال ۽ درينيج (روهڙي ڪينال ايراضي جو واڌارو) آرڊيننس، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ فوري طور تي 23 آڪٽوبر 1990 کان لاڳو هوندو.

1873 جي ايڪٽ VIII جي روهڙي ڪينال ايراضين تائين واڌارو
Extension of Act VIII of 1873 to Rohri Canal areas

2. جيئن ته هن آردِيننس جي لاڳو ٿيڻ سان ڪينال ۽ ڊرينيج ايڪٽ، 1879 روهڙي ڪينال جي ذريعي تعلقي ٽنڈو جام ضلعي سانگهڙ جي آبپاشي هيٺ ايراضي تي لاڳو ٿيندو.

1879 جي سنڌ ايڪٽ VII جو لاڳو نه ٿيڻ
Sindh Act of 1879 not to apply

3. جيستائين هيءُ آردِيننس لاڳو رهندو، سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 جي اهڙين ايراضين تي لاڳو ٿيندو، جن تي ڪينال ۽ ڊرينيج ايڪٽ، 1879 لاڳو ٿئي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.